# بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن ڪراچي

سيڪنڊري اسڪول سرٽيفيڪيٽ امتحان

## ماڊل پيپر 2023ع

## سنڌي ادب (اختياري)

ڪلاس نائون ۽ ڏهون - جنرل گروپ

(ريگيولر ۽ پرائيويٽ اميدوارن لاءِ)

وقت: ٽي ڪلاڪ | **ڪل مارڪون: 75**

## حصو "الف" (گهڻ چونڊائتا سوال) 20%

وقت: 30 منٽ | مارڪون:15

1. نوٽ: هن حصي مان 15 **MCQs** ڏنا ويندا. هر هڪ سوال هڪ مارڪ جو آهي.

**MCQs** تمام سبقن ۽ نظمن مان ڏنا ويندا.

## Main Paper

وقت: اڍائي ڪلاڪ | ڪل مارڪون:60

## حصو "ب" (مختصر جواب جا سوال) 40% | مارڪون 30

.2 هيٺين مان ڪن به پنجن سوالن جا مختصر جواب لکو: 10

(i) ڄام تماچي ڇا جو شوقين هو؟

(ii) ثابت قدمي ڇا کي چئبو آهي؟

(iii) " مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون" ڪهڙي جرنل جو قول آهي؟

(iv) شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ ڪهڙي سن ۾ وفات ڪئي؟

(v) بيجل جي ٻولي مسدس ڪهڙي شاعر جو لکيل آهي؟

(vi) شمس العلماءَ ڊاڪٽر دائود پوٽي جي تعليم حاصل ڪرڻ جو مختصراحوال لکو.

(vii) پاڪستان جو پهريون گورنر جنرل ڪير هو؟

(viii) انسان جي تخليق ڪهڙين شين مان ٿي؟

(ix) ٿر جي مهمان نوازي بابت اوهان  کي ڪهڙي ڄاڻ آهي؟

.3 هيٺين لفظن مان ڪن به پنجن کي جملن ۾ ڪم آڻيو: 5

قول- ميلاپ - سهائي - اوير - ڏوهه - نقش قدم - مهمان نواز - ساهت

.4 (الف) هيٺين مان ڪن به چئن اصطلاحن جي سمجهاڻي لکو:- 4

سٽ سٽڻ - منڊلي مچائڻ - سر صدقو ڪرڻ - ٻوٽو ٻارڻ - نقش قدم هلڻ - اوڙاهه ۾ ڪرڻ – چنگ چورڻ

(ب) هيٺين مان ڪن به چئن جا اشتقاق لکو: 4

سيدالشهداء - صورتحال - ابوجهه - عاليشان - شاهوڪار - ٻاجهارا - ڏهيسر - دولتمند

.5 تاليف ۽ تصنيف جو فرق واضح ڪريو. 4

.6 هيٺين مان ڪنهن به هڪ نظم جو مرڪزي خيال لکو:- 3

(i) ڪرڪا پلائي پال (ii) ٻاروچن جا ٻانهي (iii) فرياد نه ڪر

(هلندڙ)

## حصو "ج" (بياني جواب جا سوال) 40% مارڪون 30

7. هيٺين مان ڪنهن به هڪ عنوان تي سنڌيءَ ۾ مضمون لکو:- 6

(i) موئن جي دڙي جو سير (ii) ڏکن پنيان سک (iii) محنت ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي

8. پنهنجي اسڪول جي هيڊماستر/هيڊماسترياڻيءَ کي اسڪول ۾ لطيف سائين جو ڏهاڙو ملهائڻ جي اجازت لاءِ درخواست لکو. 5

يا

پنهنجي دوست يا ساهيڙيءَ کي خط لکي ڪيس پنهنجي تعليمي حالتن کان آگاهه ڪريو.

9. هيٺين مان ڪن به ٻن جا حوالا ڏيئي سمجهايو:- 6

(i) صبح جي ٿڌڙي هير زمين جي مثل جسم ۾ گويا نئين جان وڌي آهي.
وسائل ٻوٽا نئين حياتيءَ جو پيغام ٻڌي وهسي اُٿيا آهن.

(ii) آخر اي پروردگار! تنهنجي ڪرمن جا ڀنڊار ڀرپور آهن، تنهنجا خزانا آڪٿ ۽ آپار، تنهنجون مهربانيون بيحد بيشمار آهن. آخر تنهنجي رحمت جي موٽ تي ۽ دوباره نئين خلقت جي لوٽ تي.

(iii) هي مصيبت جا سال ئي الائي ڪيئن ڪيڏا آهن ۽ هاڻي وري ڪٽي اها وائي ڪئي اٿئي.

10.(الف) هيٺين مان ڪن به ٻن بيتن جي سمجهاڻي ڏيو:- 5

(i) جـــهـــڙي هـيـــس مـــــلير ۾، هت ٿيان تهڙي،
پر ڳالهه ڪريان ڪهڙي، جو قابو رهيس ڪوٽ ۾.

(ii) ڪافر جي ڳالهه ڪر، نه مسلمان جي ڳالهه ڪــــر،
انسان جــــو ذڪر، عظمتِ انسان جي ڳالهه ڪر.

(iii) دل چوي ٿي چنگ چوريان، چاهه مان چارڻ ٿيان،
ســــاز ڇيڙيان درد جو ۽ قرب جو ڪــارڻ ٿيان،

(iv) ٿــــي عطر، عنبر، مُشڪ ۽ گلاب جــــو پاڻي،
وجـــود پنهنجي ســان ڏي آسپاس کي خوشبو.

(ب) هيٺين مان ڪن به ٻن جي وصف مثالن سان لکو:- 4

حرف ندا ، حرف جملو ، ظرف مڪان ، صفت

(ج) هيٺين مان ڪن به ٻن جو فرق مثالن سان سمجهايو: 4

رديف ، ڪافي ، غزل ، مسدس

-------------------